# مٽيارين جي قاضي خاندان جو سنڌي ادب ۾ حصو

# Contribution of Qazi Family of Matiari in Sindhi Literature

حافظ سليم احمد

## Abstract:

The literary and educational history of Matiari could not be completed without the mention of certain scholars of Qazi family of Matiari. We find a fair contribution of some scholars belong to Qazi family of Matiari in the fields of education, lieteratur and Kazza during the Twelfth, thriteenth and fourteenth centuries of Hijra calendar. There were prominent personalities in this family who had great impact on the literature and education of Sindh. The first Sindhi prose writer of Indo-Pak subcontinent, in fact of the South Asia, Akhund Azizullah Matiarivi was among renowned personalities of this city, he was the first person to translate Holy Quran into Sindhi prose. Mukhdoom Mohammad Osman Matiarivi and his son Mukhdoom Abdul Kareem Matiarivi, who is considered to be the last tradionalist (Muhadis) of Sindh, also hailed here. Apart from that, there was Qazi Mian Lal Mohammad Matalvi, who was the greatest scholar of Islamic Law, who was consulted for shaira and inheritance problems not only from Sindh but other parts of the subcontinent as well, there are some 2000 manuscripts (hand written) of religious opinions (Fatwa) in his library.

Among the scholars of Matiari, Qazi Hiddayatullah Mushtaq Matiari is also one of them. His poetry is full of astonishing and mind blowing resemblances and references. He was well known among eminent scholars and without mention such scholars our Sindhi literature would remain incomplete.

مٽياريءَ جي علمي ۽ ادبي تاريخ قاضي گهراڻن جي بزرگن جي ذڪر کانسواءِ مڪمل ٿي نہ ٿي سگهي. ٻارهين، تيرهين ۽ چوڏهين صدي هجريءَ ۾ علم، ادب ۽ قضا جي ميدان ۾ نمايان حصو مٽيارين جي ڪن قاضي خاندانن جو بہ نظر اچي ٿو. هن خاندان مان سنڌ جي علمي ۽ ادبي تاريخ تي نمايان ڇاپ ڇڏيندڙ شخصيتون ٿي گذريون آهن. برصغير هند ۽ پاڪ بلڪ جنوبِ ايشيا جوپهريون سنڌي نثر نويس آخوند عزيزالله مٽياروي بہ هن شهر جي ناليوار هستين مان ٿي

گذريو آهي.جنهن قرآن پاڪ جو پهريون سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪيو. هن ئي خاندان مان مخدوم محمد عثمان مٽياروي ۽ سندس فرزند مخدوم عبدالڪريم مٽياروي جنهن کي سنڌ جو آخري محدث سڏيو ويجي ٿو. ان کان علاوه قاضي ميان لال محمد متعلوي تيرهين صدي جي برک عالمن ۽ فقيهن مان هو جنهن وٽ سڄيءَ سنڌ مان توڙي ٻاهران بہ شرعي مسئلا ۽ ورثي بابت سوال ايندا هئا.سندس ڪتبخاني ۾هٿ اڪر لکيل اٽڪل بہ هزار فتوائون موجود آهن. مٽياري شهر جي عالمن مان قاضي هدايت الله مشتاق مٽياروي بہ هڪ آهي. سندس شاعري عقل کي حيران ڪندڙ لاجواب ۽ عجيب ۽ غريب تشبيهن, استعارن ۽ تجنيسين سان ڀريل آهي. علم ۽ فضل ۾ ڪيترائي ناميارا عالم ۽ فاضل سندس معترف هئا.اهي سڀ ئي هن ئي خاندان سان تعلق رکن ٿا.جن جي ذڪر کانسواءِ اسان جو سنڌي ادب نامڪمل رهندو!.

## مخدوم محمد عثمان مٽياروي:

مخدوم محمد عثمان مٽياروي ٽالپر دؤر جو مشهور عالم ٿي گذريو آهي. مير فتح علي خان جي وقت ۾ جن علمائن جي سپرد شرعي فيصلن جو ڪم هو تن مان مخدوم محمد عثمان هڪ چوٽي جو ماڻهو هو. سنڌ جو برک عالم ۽ محقق علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب مخدوم محمد عثمان وارن جي سوانح حيات ۽ نسب هن طرح بيان ڪيو آهي, مخدوم محمد عثمان بن عبدالله عرف ٺارو بن يعقوب مٽيارويءَ جي ولادت ٻارهين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري ٿي. ٻارهين ۽ تيرهين صدي هجريءَ جي دؤر ۾ فتويٰ ۽ درس جو مرجع هو. مخدوم صاحب وارن تي علم حديث جو وڏو غلبو هو سندن اها تقليد حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلويءَ واري رنگ جي هئي. (1) انهيءَ دؤر ۾ سنڌي عالمن جي هڪ تحريڪ شروع ٿي جنهن ۾ عربي ۽ فارسي ڪتابن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ آندو ويو. جيئن اسان جو معاشرو مادري زبان کان واقف ٿي سگهي. جنهن الاهيات ۽ عقائد جا دقيق ڪتاب, حديث, فقہ, تصوف ۽ سلوڪ جا مشڪل مضمون سولي سنڌيءَ ۾ آنداويا. هنن عالمن جڏهن بہ ڪنهن

موضوع تي لکيو تہ اڳ ۾ جامع نموني تحقيق سان معاشري جي خاص مسئلن ۽ سماجي ماحول جي مناسبت سان کولي بيان ڪيو.

سنڌ جي درسگاهن جي سڄاڻ عالمن ۽ استادن تعليمي طريقن جي سکيا ۽ سماجي ماحول جي طور طريقن ۽ شاگردن جي تربيت تي سوچڻ شروع ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ڏهين صديءَ ۾ سنڌ جي وڏي محقق عالم مخدوم محمد جعفر بوبڪائيءَ عربيءَ هڪ تفصيلي ڪتاب" نهج التعلم "يعني (سکيا جو طريقو) لکيو. جنهن ۾ نصاب تعليم، پڑهڻ ۽ پڑهائڻ جي طور طريقن ۽ استادن ۽ شاگردن جي ذهني توڙي نفسياتي طريقن بابت تفصيل سان سمجهايو ويو. جڏهن تہ اهو ڪتاب تمام تفصيلي هو ۽ خاص ڪري استادن جي لاءِ لکيو ويو. شروع واري عرب اسلامي دؤر کان وٺي سومرن جي دؤر تائين تعليم حاصل ڪرڻ جو ذريعو عربي ٻولي هئي. پر سمن جي دؤر کان وٺي فارسي ٿي. تنهن ڪري انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي مخدوم محمد جعفر بوبڪائيءَ استادن جي سولائيءَ لاءِ" نهج التعلم "جو فارسيءَ ۾ "حاصل النهج" جي نالي سان خلاصولکيو. جنهن جي عبارت هيٺ ڏجي ٿي. (2)

## "حاصل النهج" جي عبارت جي جهلڪ:

وبا يد که بعد ازان در ايام صغرش ياد گيراند عبارت يک کتاب وسط مجرد در فقه همهچنين در حديث چه که از آن در ايام جواني و پيري ملکه گردد و در همه علم او را معينباشد.(3)

يعني: "مناسب آهي تہ ٻار کي ننڍپڻ ۾ ئي فقہ ۽ حديث جي ڪنهن وچٿري ڪتاب جي عبارت ياد ڪرائي ڇڏجي. ڇو تہ ان سان جواني ۽ پيريءَ ۾ ڪيس ملڪو (استعداد) پيدا ٿيندو آهي ۽ اهاڳالهہ ٻين علمن لاءِ بہ مددگار ثابت ٿيندي."

هن ڪتاب سان سنڌ جي استادن توڙي شاگردن جي تربيت تي وڏو اثر پيدا ٿيو. ان کان پوءِ ٿيهن کان چاليهن سالن جي جدوجهد کان بعد سنڌ جي درسگاهن جا تجربيڪار استاد هن نتيجي تي پهتا تہ ٻارن لاءِ ابتدائي تعليم” فارسيءَ “جي بدران مادري زبان” سنڌيءَ “۾ ڏني وڃي تہ جيئن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي وڏيڪ صلاحيت پيدا ٿئي. انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي سنڌ جي سڄاڻ عالمن ۽ استادن سماجي ماحول جي مناسبت سان نہ فقط نصابي مواد کي مرتب ڪيو. بلڪ عربي ۽ فارسي ڪتابن تان مواد ميڙي چونڊي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ آڻيو. جنهن کان بعد سنڌ جي گهڻن ئي عالمن انهيءَ طرز تي سنڌي ۾ درسي ڪتاب لکيا. انهيءَ سلسلي ۾ مکيہ سنڌي اسلامي ڪتابن جو مختصر جائزو هيٺ ڪجي ٿو.

## “مقدمة الصلواة” يعني (نماز جو مهاڳ) المعروف ابوالحسن جي سنڌي

ابول، عبد العزيز پٽر ڀچي پڙهن کاهي مسئلا نماز جا سارئا سنڌي واءِڪارڻ طلب طالبين رسالو لکيوم مقد مة الصلواة سينڌي نالو تنہ رکئوم.

ڪتاب جي خاتمي بعد مصنف لکي ٿو تہ نمازجا مسئلا جيڪي عربي ۽ فارسي ڪتابن ۾ لکيل آهن تن کي مون سنڌيءَ ۾ آندو هن لاءِ تہ سڀ کو چاهہ ۽ شوق سان پڙهي سگهي.آخر ۾ مصنف ڪتاب جو نالو “مقدمةالصلواةسنڌي” يعني (نماز جو مهاڳ)، المعروف ابوالحسن جي سنڌي سان مشهور آهي.انهيءَ کان بعد“سنڌي” جي خاص نالي سان ٻيا بہ ڪتاب لکجڻ شروع ٿيا.جيئن: “مخدوم ضياء الدين جي سنڌي”، “مخدوم محمد هاشم جي سنڌي”، “مخدوم محمد ابراهيم جي سنڌي”، “سنڌي عبدالرحيم جي“، “اساس الفرائض سنڌي”، “دائريوارن جي سنڌي” ۽ “عثمان جي سنڌي”.(4)

## “چو علمي” يعني (چار علم) المعروف عثمان جي سنڌي:

علم شريعت سڪ ڪين وڃي جان نہ مريچوتڪي سندي سيني آهي اي ڳري الاهي عثمان چئي تان ڪي ڏينهون جاڻ تہ اٿي..هيڪ شهادت ڪلمو ٻيا پنج

وقت نمازتيون روزا رمضان جا چوٿين مال زڪواةپنجون وڃڻ حج ڏانهہ جيهوءِ وهڻ واٽ. (5)

مصنف مٿين تمهيد کان پوءِ چئن علمن جو بيان شروع ڪري ٿو. اسلامي ارڪانن ۽ شريعت جي احڪامن سيکارڻ کان علاوه شاگردن جي ذهني تربيت، علمي ڄاڻ وڌائڻ، اخلاقي تربيت ڏيڻ معلومات خاطر سوانح، حڪايتن ۽ قصن تي مشتمل مختلف موضوعن تي هزارين ڪتاب ۽ رسالا لکيا ويا. انگريز رچرڊ برٽن کي هنن ڪتابن کان واقف ڪرايو ويو هو مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو لکيل "تفسير هاشمي" عم سيپاري جو تفسير، "نور نامو" مصنف عبدالرحمان جو جوڙيل ،"معراج نامو"، "لاڏاٽو" مخدوم عبدالله جو جوڙيل،" "سؤ مسئلا" تصنيف ڪيل اسماعيل جا ۽ عام معلومات ۽ ادبي ذوق وڌائڻ لاءِ "حڪايات الصالحين"، "سيفل" (سيف الملوڪ جو قصو) ۽ "ليليٰ مجنون" پڙهايا ويندا هئا، جن مان "حڪايات الصالحين" وڏيڪ مقبول هو.(6) ٻارهين ۽ تيرهين صديءَ جو هي دؤرفقهي اعتبار سان هڪ شاهڪار زمانو سڏيو وڃي ٿو. هن دؤر اندر فقہ حنفي جي اصولن مطابق عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ هزارين ڪتاب لکجڻ شروع ٿيا. بعض عالمن جي ڪتابن کي معاشري ۾ پذيرائي ملي تہ بعض عالمن جي ڪتابن تي ردَ لکيا ويا. هن دؤر ۾ عربي ۽ فارسي ڪتابن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪيو ويو. جنهن ڪري هي دؤر تصنيف ۽ تاليف جي لحاظ کان اعليٰ دؤر سڏيو وڃي ٿو.

## (مصلح المفتاح سنڌي) المعروف دائري وارن جي سنڌي:

هي ڪتاب" مصلح المفتاح "سيد علي محمد شاهہ دائرائي سن 1270-1277هہ واري عرصي ۾ جوڙي راس ڪيو. هن ڪتاب ۾ جدا جدا مسئلن بابت مختلف ماخذن مان مستند عبارتون فقهي بابن مطابق مرتب ڪيل آهن. ڪن مسئلن بابت مستند ڪتابن ۽ مشهور عالمن جي تحريرن مان اقتباس نقل ڪرڻ کانپوءِ مؤلف پنهنجي راءِقلمبند ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾مصنف علماءِ سنڌ جي تصنيفن ۽ بياضن کانسواءِ اڳين سنڌي عالمن توڙي معاصرن جي فتوائن ۽ تحريرن کي پيش نظر رکيو اٿس. اول تہ هيءَ تصنيف سنڌ ۾ علمي تحقيق ۽ فقهي تجسس

جي انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جيڪو ڏهين صدي هجريءَ ۾ ترخاني دؤر کان شروع ٿئي ٿو. ٻيو تہ اهم اسلامي رڪن نماز جي توضيح ۽ تشريح بابت جملہ محققانہ تصنيفات ۾ هيءَ تصنيف هڪ جامع حيثيت رکي ٿي.ٽيون تہ سنڌ اندر مادري زبان سنڌيءَ ۾ تعليم ۽ تحقيق جي تاريخ ۾ هيءَ ڪتاب هڪ خاص مقام رکي ٿو.(7) پهريون پيرو عالمن عربي ۽ فارسي جي جاءِ تي سنڌيءَ ۾ فتوائون لکڻ شروع ڪيون. ڏهين صدي هجريءَ ۾ مخدوم جعفر کان پوءِ سنڌي عالمن مختلف موضوعن بابت سنڌ جي نثري فقرن، جملن ۽ عبارتن کي زير بحث آندو، تہ جيئن صحيح فتوائن مطابق فيصلا ٿي سگهن.هن دؤر ۾ سنڌي لفظن جي نہ فقط لغوي معنائن پر سماجي مفهومن کي بہ متعين ڪيو ويو. مثلاً لفظ" يار " جي باري ۾ سيوهڻ جي عالم مخدوم محمد عارف چيو تہ اهو" دوست "جي برابر آهي، پر اتر توڙي لاڙ جي ٻين عالمن خصوصاً مخدوم عبدالڪريم متعلوي انهيءَ خالص لغوي معنيٰ تي وڏيڪ ويچار ڪندي، ان وقت جي سنڌي معاشري ۾ استعمال ٿيندڙلفظ" يار " جي اصطلاحي ۽ سماجي معنيٰ کي زير غور آندوءِ ان کي" ياءُ "جي برابر ٺهرايو.(8) مصنف دائرائي پنهنجي استاد (مخدوم عبدالڪريم متعلوي) لاءِ ڪيس ايتري تہ عزت آهي، جو ڪيس "استاد" سڏي ٿو مگر ادب وچان سندس نالو نہ ٿو ڪٽي. ان هوندي بہ مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ ۾ ساڻس اختلاف بيان ڪري ٿو. مثلاً وضو ۽ تيمم جي مسئلي ۾ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي عدم جواز تي تحرير لکي، پر مخدوم مبين ڏني (نصرپوري) بحر جي سند سان جواز تي فتويٰ ڏني. مصنف جي استاد مخدوم عبدالڪريم، مخدوم گرهوڙيءَ جي تحرير تي اعتماد ڪيو. (9)

## فتوائن جو سنڌيءَ ۾ لکجڻ:

جيئن تہ مخدوم محمد عثمان جو تعلق ٽالپرن جي دؤر سان هو هي اهو دؤر هو جڏهن اجان مس مس سنڌي نثر لکجڻ شروع ٿيو هو پهريون پيرو عالمن عربي ۽ فارسي جي جاءِ تي سنڌيءَ ۾ فتوائون لکڻ شروع ڪيون هيون. ان دؤر جي نثري عبارت ڏسڻ لاءِ ڪجهہ عالمن جون فتوائون هيٺ ڏجن ٿيون.علامہ غلام محمد ملڪاٽي جي مجموعہ الفتاويٰ ۾ ڏنل آهن جن مان سنڌيءَ ۾ ڏنل فتوائون سوالن ۽

جوابن جي صورت ۾ هيٺ ڏجن ٿيون. ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ لکيون آهن.جنازي جي پٺ ۾ ڪرڻ آواز وڏو پڙهي قرآن ڪي مولود ڪي تهليل تہ اهو آهي ڪراهت تحريمي ائين لکيو مولد مٽياريون جن سندو مدفن آه مڪو.(10) ڪيائين نقل ڪتابن کان اهو مسئلو. در، بحر،ظهيري کان ۽ شرح ڪبير ڏسو تحقيق ڪيائين تحرير ۾ گهڻو موچارو.(11) تہ درست آهي ڪافي ۽ فتح القدير ۾ ۽ منجہ بحر، هدايا مذڪوره مڙيئي مٿيون آهي موجودا. مخدوم متعلوي نقل ڪيو ۽ سگوري سيوستانيا ۽ پڻ مخدوم متعلوي لکيا اهڙا الفاظ تہ نہ رعايت ان امر ۾ سنڌي انصاف جڳاءَ هيترو هن حقير لکيو والعلم عندالله. (12) بعضي ماڻهو قسم ڪڻندا هئا، جنهن مان نفاق وڌندو هو.

ان کي روڪڻ لاءِ ٻهرياڻين عالمن طلاق جو فيصلو ڏنو. پر پوءِ اهڙن لفظن تي وڏيڪ غور ڪري منصفانہ شرعي فيصلا ڪيا ويا. مخدوم حامد اگهمي، پنهنجي وقتم ڪنهن شخص جي هيٺين طور ڪنيل قسم بابت شرعي فيصلو ڏنو:"مون کي وڏو سنهن آهي، جي هيءَ چائنٺ تنهنجي لنگهان " يعني تہ پنهنجي ڪنهن عزيز کي ڪاوڙمان چيائين تہ: مون کي وڏو سنهن (قسم) آهي، جو هن کان پوءِ هي تنهنجي چائنٺ لنگهي اندر تنهنجي گهر ڪونہ ايندس.وڏو سُنهن مان ان وقت مراد "وڏو شرعي قسم" هو. جنهن اهڙو قسم کنيو ۽ وري پوءِ ان قسم کي ڀڳو تہ پوءِ مٿس طلاق واجب ٿي. مخدوم حامد اگهمي کان ٻيو سوال ڪيو ويو تہ: "مون کي سنهن وڏو آهي" جو تنهنجي گهر ماني کان، پوءِ ماني کائي ۽ قسم ڀڃي تہ مٿس طلاق لڳندي يا نہ ؟ يا وري ڪو چوي:" مون کي شرح جو سنهن آهي "جو فلاڻو ڪم ڪريان ۽ پوءِ اهو ڪم ڪري تہ مٿس ڪهڙي فتويٰ لڳندي ؟ يا وري جيڪڏهن ڪو چوي: "مون ٻيڙ پاهن جي ڇڏي".

ٻيڙ معنيٰ (زال)، تہ ڪهڙي فتويٰ لڳندي؟ مخدوم حامد اگهمي مٿين سوالن جي جواب ۾ لکيو آهي، تہ مرحوم شيخ احمد جي بيان ۾ ۽ مخدوم ضياءُ الدين جي تحرير مطابق "شرع جي سنهن" ڪڻڻ سانطلاق بائن ٿيندي "ڇڏي" جي لفظ چوڻ سان دربيلي جي عالمن جي فتويٰ مطابق ائين ٿيندو،پر ٺٽي جي عالمن جي فتويٰ موجب طلاق صريح يعني پڪي ٿيندي. اصل تحرير جا الفاظ هن ريت آهن."**از تقرير**

**مرحوم احمد و تحرير مرحوم ضياءُ الدين مفهوم شد کہ مراد سو کند شرع طلاق بائن و از ڇڏي نزد علماء دربيلہ همين مراد است و نزد علماء تتہ طلاق صريح -والله تعاليٰحرره الفقير حامد".** مخدوم عثمان مٽياروي، سنڌيءَ ۾ اهڙي ڪنيل قسم کي وڏيڪ توريو ۽ تڪيو. پنهنجي ڏنل فتويٰ ۾ هڪ وڏيڪ شرط لڳايو. تہ اهڙي سخن يا قسم تان طلاق تڏهن لازم ٿيندي، جڏهن مڙس پنهنجن لفظن کي خصوصي طور پنهنجي زال سان لاڳو ڪيو هجي. ٻيءَ حالت ۾ طلاق نہ لڳندي.مثلاً: **"لو قال الزوج باللغة السنديہ"**يعني: جيڪڏهن ڪنهن مرد سنڌي زبان ۾ چيو تہ:" مون کي ٽي طلاقون جي هي ڪم ڪريان **"ثم فعل ذالک الفعل لم يقع الطلاق لانہ لم يضف الطلاق الي الامراة"** يعني: پوءِ جيڪڏهن اهو ڪم ڪيائين تہ طلاق لازم نہ ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ هن (انهن لفظن ۾) طلاق کي پنهنجي زال سان لاڳو ڪونہ ڪيو. (يعني زال جو ذڪر ڪونہ ڪيائين). مٽيارين جي عالمن پوءِ مخدوم عثمان واري فيصلي کي قائم ڪيو. (13)

ميان عبدالواحد متعلوي سندس هيٺين عبارت ۾ کولي سمجهايو تہ اهڙن لفظن چوڻ سان قسم نہ پوندو ۽ طلاق نہ لڳندي: "جي کي چوءِ تہ جي فلاڻو ڪم ڪئم تہ مون کي مصحف چکندو ڪہ منتي من پنيان مصحف ڪہ الحمد ڪہ کلمو آہ تہ ڪرن سان ان ڪم جي قسم پوندو پر سببا نہ تعظيم ڏيڻ مصحف ڪہ الحمد ڪہ الحمد ڪہ کلمي جي کنهکار ٿندو تنهنکري اگيا الله تعاليٰ جي سچ سان توبہ استغفار کري." ميان عبدالواحد متعلوي. پاڻ فرمائين ٿا تہ قَسم جا ٽي قسم آهن. هڪ "لغو"، ٻيو "غموس"، ٽيون "منعقد". پوءِ پهرين قِسم ۾ قَسم نہ پوندو ۽ ٻئي ۾ بہ قَسم نہ پوندو پر ان ۾ توبہ استغفار لازم آهي ۽ ٽي قِسم جي سيٺي صورت ۾ قَسم پوندو. ميان عبدالواحد جي ڏنل هيءَ فتويٰ، اڏيري لعل جي مشهور عالم سيد علي محمد شاهہ پنهنجي هٿ لکيل" بياض سيدي"۾ ائين نقل ڪئي آهي. (14)

مطلب تہ وقت جي عالمن جون فتوائون ڏنل هيون تہ جيڪو بہ ماڻهوقسم کڻي چوي تہ "مونکي قسم آهي، آئون هي ڪم ڪو نہ ڪندس" ۽ پوءِ جي اهو ڪم ڪيائين، تہ اهڙي صورت ۾ سندس زال کي طلاق ٿيندي. انهن مان ڪن عالمن جو چوڻ هوتہ اها طلاق بائن ٿيندي، يعني پوءِ رجوع ڪري سگهندو. پر نتي جا عالم چوندا هئا، تہ اها

طلاق صريح، يعني: پڪي طلاق ٿيندي. انهيءَ لحاظ کان مخدوم عثمان ۽ ٻين عالمن جي خيال مطابق اهڙي قسم جي فتوائن سان ماڻهو ڪوڙا قسم کڻڻ ۽ واعدي خلافي ڪرڻ کان پاسو ڪندا ۽ طلاق اهڙي شيءِ نہ آهي جا ڪنهن قول ۾ ڪوڙو ٿيڻ جي صورت ۾ اچي وڃي. (15)

## آخوند عزيزالله ۽ سنڌي ادب:

آخوند عزيزالله متياريءَ کي سنڌي ادب ۽ مذهب جي لحاظ کان هڪ اهم هستي شمار ڪيو وڃي ٿو. آخوند عزيزالله پنهنجي زماني جي مشهور عالم مخدوم محمد عثمان متياريءَ وٽان علم حديث، فقہ، تفسير، تصوف ۽ معقولات جي علم ۾ وڏي مهارت حاصل ڪيائين. آخوند صاحب تعليم جي فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ لواري شريف جي مدرسي ۾ درس ۽ تدريس جو ڪم آخري عمر تائين ڪندو رهيو. آخوند صاحب ارڙهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري پنهنجي متقدمين وارو طريقو ڇڏي ڪري سنڌي نثر ۾ قرآن پاڪ جو پهريون ترجمو ڪيو. سندس هيڪارنامو يعني قرآن شريف جو سنڌي ترجمو نہ صرف مذهبي حوالي سان بلڪ سنڌي نثر جي اوائلي اهڃاڻ طور بہ وڏي اهميت رکي ٿو. قرآن پاڪ جو اهو ترجمو ۽ ننڍو تفسير سڀ کان پهريون قاضي محمد ابراهيم سن 1257هہ ۾ محمدي پريس گجرات مان ليٿو ۾ ڇپرايو. انهيءَ ساڳئي ترجمي ۽ تفسير کي عبدالصمد ولد حاجي محمد مقيم نورنگ پوٽي سن 1293هہ ۾ مرغوب هرديار ڇاپخانہ بمبئي مان ٻيو ڀيرو ڇپرايو. ان کان بعد ٽيون دفعو ڪريمي پريس بمبئي مان سن 1320هہ ۾ ليٿو ۾ ڇپيو. آخوند صاحب جي سنڌي ترجمي جي حاشيہ ۾ شاهہ ولي الله محدث دهلويءَ جي فارسي ترجمي" فتح الرحمان "جا سنڌيءَ ۾ نوٽ لکيا آهن.

حاشيہ ۾ شيخ سعدي جو" شان نزول "تي لکيل فارسي ترجمو بہ ڏنل آهي، جيئن پڙهندڙ کي ڏکيائي نہ ٿئي. (16) پڪين روايتن مطابق سنڌيءَ ۾ قرآن شريف جو پهريون ترجمو هڪ عراقي عالم وقت جي عباسي خليفي جي حڪم تي چوٿين صدي هجريءَ ۾ ڪيو هو. هن وقت اهو ترجمو ناپيد آهي. اصل ۾

هيئن چوڻ مناسب ٿيندو تہ ان ترجمي سان سنڌي ٻوليءَ کي سڀ کان پهريون قرآن شريف جو ترجمو ڪيل ٻوليءَ جو شرف حاصل ٿيو ڇو تہ ان کان اڳ قرآن شريف جو ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ ترجموٿيل نہ هو. باقي آخوند عزيزالله مٽياريءَ جو ترجمو هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي سمورن موجوده ترجمن کان آڳاٽو هئڻ ڪري سنڌي زبان ۾ قرآن مجيد جو پهريون ترجمو ليکيو ويندو آهي.آخوند عزيز الله قرآن پاڪ جو پهريون" تحت اللفظ "سنڌي ترجمو ڪري نہ صرف سنڌ تي بلڪ اسلامي دنيا جي ادب تي وڏو احسان ڪيو آهي. هن عظيم ڪارنامي سان اسان جي معاشري جي اها خوشبختي آهي جو ان جي نثَر جي شروعات قرآن مجيد جي ترجمي سان ٿي آهي.ان ترجمي جي لساني ۽ ادبي خصوصيت تي مهراڻ 1979ع جي پهرين شماري ۾ قريشي حامد علي خانائيءَ جو نهايت مفصل مضمون بہ ڇپيل آهي.

**نوٽ:**

آخوند عزيز الله مٽياريءَ جي سنڌي ڪلام پاڪ بابت هتي هڪ ڳالهہ ڏانهن توجہ ڇڪائڻ ضروري آهي تہ محققن هن ترجمي کي" تحت اللفظ "ترجمو سڏيو آهي. جڏهن تہ ان نسخي جي بلڪل آخر ۾ قاضي صاحب پاڻ لکي ٿو تہ:"معلوم هوءِ مڙن ئي پڙهندڙن ۽ مطالعو ڪندڙن تي تہ هي قرآن مترجم مرادي آهي نہ تحت اللفظي. سبب هن تہ ترڪيب ڪلام سنڌيءَ جي ترڪيب ڪلام عربيءَ جي سين موافق نہ آهي. پوءِ تحت اللفظي هئي تہ هوند سمجهڻ اياٽن کي تمام مشڪل ٿئي. تڏهن هن مصنف مراد ڪلام جي آندي تہ سڀ ڪنهن خاص عام کي سمجهڻ ۾ اچي ".تاريخ مٽياريءَ جو مصنف لکي ٿو تہ محققن تڏهوڪي ٻوليءَ جي وياڪرڻي سٽاءُ کي نظر ۾ رکي ان ترجمي کي تحت اللفظ ترجمو قرار ڏنو آهي. حالانڪہ اهو ترجمو نہ ڪو تڏهن تحت اللفظ هو ۽ نہ ئي ٻوليءَ جي موجوده سٽاءُ مطابق ان کي تحت اللفظ ڪوٺي ٿو سگهجي. (17)

## حوالا:


(1) قاسميہ غلام مصطفي علامہ مقالات قاسمي، ڇاپو پهريون، ڇپائيندڙ: نظير احمد قاسمي، نفيس پرنٽنگ پريس حيدرآباد، آڪٽوبر 2000ع، ص-516.

(2) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، (باب ستون) پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ، سال 1999ع.

(3) بوڪاني محمد جعفر مخدوم: حاصل النهج، (فارسي)، فصل پنجم، طبع دانش گاهہ سنڌ، سال 1949ع، ص- 14.

(4) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، (باب ستون) پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ، سال 1999ع.

(5) قاضي يار محمد: سنڌي ٻوليءَ ۾ فقهي ادب جي ارتقاء، پي۔ ايچ۔ ڊي، (مقالو)، يونيورسٽي آف سنڌ، سال 1979ع، ص- 299.

(6) وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسڻ گهرجي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ، سال 1999ع، باب ستون.

(7) دائرائي علي محمد سيد: مصلح المفتاح، (مرتب)، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، سال 1970ع، ڏسو مؤلف جو مقدمو.

(8) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڊپارٽمينٽ آف پاڪستان اسٽڊيز سينٽر يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو، سال 1970ع، ص- 260 - 262.

(9) دائرائي علي محمد سيد: مصلح المفتاح، (مرتب) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو سنڌ، سال 1970ع، ص 47.

(10) هيءُ اشارو مخدوم عبدالڪريم متعلويءَ ڏانهن ڪيل آهي، جيڪو مڪي شريف جي قبرستان مدفون آهي.

(11) در مختار ۽ بحر رائق. هتي الف اشباع واري صورت ۾ تحرير لکڻ ڪري ڪتابن جا نالا اختصار سان ڏنا ويا آهن. جيئن در معنيٰ الدرمختار ، بحر معنيٰ البحرالرائق، جواهي ڪتاب مفتين وٽ معروف رهيا آهن.

(12) هن فتويٰ ۾ مخدوم محمد عثمان مٽياروي ۽ مخدوم عبدالواحد سيوستانيءَ جو نالو حوالو ڏنو ويو آهي. اهي فتوائون اصل ۾ الف اشباع جي صورت ۾ آهن، ان ڪري انهن ۾ ڪتابن جا نالا ۽ عالمن جا نالا بہ اڌورا ڏنل آهن ڇو تہ اهي عالم شعري مزاج سان وابستہ اهڙي اڌ اکري ٻوليءَ جا عادي ۽ ڄاڻو هئا. ان ڪري اهڙي تحرير کي ناقص نہ چئبو.

(13) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڊپارٽمينٽ آف پاڪستان اسٽڊيز سينٽر يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو، سال 1970ع، ص- 260 - 262.

(14) دائرائي علي محمد سيد: بياض سيدي، (قلمي)، ڏسو فهرست المخطوطات، جلد اول، انفارميشن اينڊ آرڪائيو ڊپارٽمينٽ ڪراچي، سال 2012ع، ص- 420.

(15) قاضي مقصود احمد: تاريخ مٽياري، ڇاپو پهريون،علمي ادبي اشاعت گهرمٽياري حيدرآباد سنڌ، سال 2006ع، ص- 95- 105.

(16) گهانگهرو عبدالرزاق: سنڌي زبان ۾ قرآن پاڪ جي ترجمن ۽ تفسيرن جو تحقيقي جائزو (پي - ايچ - ڊي)، مقالو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سال 1990ع، ص- 307.

(17) قاضي مقصود احمد: تاريخ مٽياري، ڇاپو پهريون،علمي ادبي اشاعت گهرمٽياري حيدرآباد سنڌ، سال 2006ع، ص- 113- 104.